SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LVI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVI OF 1984

ڪراچي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE UNIVERSITY OF KARACHI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 36 جي ترميم

Amendment of section 36 of Sindh Act XXV of 1972

3. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Act XXV of 1972

4. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعه 52 جي ترميم

Amendment of section 52 of Sindh Act XXV of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر LVI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LVI OF 1984

ڪراچي يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE UNIVERSITY OF KARACHI (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972ع ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972ع ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972ع ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي

2. ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972ع جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 36

۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:	دفعہ 36 جي ترميم Amendment of section 36 of Sindh Act XXV of 1972
"بشرطيڪ جيستائين درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نٿو ڪيو وڃي تيستائين اپيل جي سلسلي ۾ ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو."	
3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 40 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪرڻو پوندو:	1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعہ 40 جي ترميم Amendment of section 40 of Sindh Act XXV of 1972
"بشرطيڪ اپيل يا نظرثاني جي سلسلي ۾ اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار جيئن معاملو هجي، انهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ڪو حڪم جاري نہ ڪيو ويندو."	
4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 52 ۾ لفظ "ڪيل" ۽ لفظ "هيٺان" وچ ۾ لفظ "نيڪ نيتي سان" شامل ڪيا ويندا.	1972 جي سنڌ ايڪٽ XXV جي دفعہ 52 جي ترميم Amendment of section 52 of Sindh Act XXV of 1972

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.